12 نومبر 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 01 جمادي الاُخريٰ 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

جڏهن جَهنم کي آندو ويندو

(جهنم جو تعارف، ميدانِ محشر ۾ ان کي آڻڻ ۽ جهنم کان چوٽڪارو ڏيارڻ وارن عملن جي باري ۾ بيان)

هن بيان ۾ توهان جاڻي سگهندؤ...

- ... جهنم ڇا آهي...؟ ڪيئن آهي؟
- ... جهنم جي گجگوڙ
- ... جبل زمين جي اندر هليا وڃن
- ... جهنم کان چوٽڪارو ڏيارڻ وارا اعمال

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ مِائَةً، كَتَبَ اللّٰهُ لَهٗ بَيْنَ عَيْنَيْهِ: بَرَاءَةٌ مِّنَ النِّفَاقِ، وَبَرَاءَةٌ مِّنَ النَّارِ، وَاَسْكَنَهُ اللّٰهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مَعَ الشُّهَدَاءِ

ترجمو: جنهن مون تي 100 ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي بنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي شخص نفاق ۽ دوزخ جي باهه کان آزاد آهي ۽ قيامت جي ڏينهن ان کي شهيدن سان گڏ رکيو ويندو.

نبی شان میں ہو جس قدر درود پڑھو — محبّو! پاؤ گے جنت میں گھر درود پڑھو

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے محسن پر — سدا سلام کہو عمر بھر درود پڑھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

اي عاشقانِ رسول! سڀين سڀين نيتن سان عمل جو ثواب وڏي ويندو آهي، اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سڀيون سڀيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو ته ! ❖ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ❖ باادَب ويهندس ❖ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جڏهن جَهنم کي آندو ويندو

صحابيءِ رسول حضرت ابو سعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کان روايت آهي ته هڪ ڀيري رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا ۽ صحابه ڪرام علیہم الرّضوان به حاضر هئا. ايتري ۾ سندن مٿان وحي نازل ٿيڻ واري ڪيفيت طاري ٿي. صحابه ڪرام علیہم الرّضوان ادب سان انتظار ڪرڻ لڳا ته هاڻي ڪهڙيون نيون آيتون نازل ٿي رهيون آهن جيئن ئي وحي پوري ٿي ته پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو مبارڪ رنگ تبديل ٿي ويو ۽ غم جي شدت جا آثار سندن چهرهءِ مبارڪ تي نظر اچڻ لڳا.

اهڙي حالت مبارڪ ڏسي صحابه ڪرام علیہم الرّضوان پريشان ٿي ويا. عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! ڇا معاملو آهي؟ فرمايائون: جبرائيل اَمين علیہ السَّلام مون وٽ ڪجهه آيتون ڪٽي آيا آهن، الله پاڪ فرمايو آهي:

---

[1]... بخاری، کتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحه:65، حدیث:1۔

وَ جِایْٓءَ یَوْمَىٕذٍۭ بِجَهَنَّمَۙ یَوْمَىٕذٍ یَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَ اَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ﴿۲۳﴾

(پارو: 30، سورة الفجر: 23)

ترجموکنزالعرفان: ۽ ان ڏينهن جهنم آندو ويندو، ان ڏينهن انسان سوچيندو ۽ هاڻي ان جي لاءِ سوچڻ جو وقت ڪٿي.؟

مولٰي علي شيرِخدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! جهنم کي قيامت جي ميدان ۾ ڪهڙي طرح آندو ويندو؟ فرمايائون: جهنم کي **70 هزار** لغام وِڌا ويندا ۽ هر لغام کي **70 هزار** فرشتا ڇڪي رهيا هوندا. جيڪڏهن فرشتا اُهي لغام ڇڏي ڏين تہ جهنم قيامت جي ميدان ۾ موجود سيني ماڻهن کي ساڙي ڇڏيندو.

روايت ۾ آهي تہ جڏهن ان وقت جهنم کي آندو ويندو تہ اهو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي خدمتِ باسعادت ۾ عرض ڪندو:

مَالِیْ وَلَكَ یَا مُحَمَّدُ! اِنَّ اللّٰهَ قَدْ حَرَّمَ اللّٰهُ لَحْمَكَ عَلَیَّ

ترجمو: اي محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! اوهان جو مون سان ڪهڙو واسطو....!! بيشڪ الله پاڪ اوهان جو مقدس جسم مون تي حرام فرمائي ڇڏيو آهي.

بس ان کان پوءِ قيامت جي ميدان جي حالت هيءَ هوندي جو هر ماڻهو نفسي نفسي (مون کي پنهنجي فڪر آهي، مون کي پنهنجي فڪر آهي) پڪاري رهيو هوندو ۽ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اُمتي اُمتي (يعني منهنجي امت، منهنجي امت) فرمائي رهيا هوندا. [1]

[1]...تفسير قرطبی، پاره:30، سورۂ فَجْر، زيرِ آيت:23، جلد:10، جز:20، صفحه:33 ـ

تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہو گا | ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہو گا
کسی کے پاؤں کی بیڑی یہ کاٹتے ہوں گے | کوئی اَسیرِ غم اُن کو پکارتا ہو گا
کوئی کہے گا دُہائی ہے یارسول اللہ! | تو کوئی تھام کے دامن مچل گیا ہو گا
کسی کو لے کے چلیں گے فرشتے سُوئے جحیم | وہ اُن کا راستہ پھر پھر کے دیکھتا ہو گا
کہیں گے اَور نبی اِذْہَبُوْا اِلٰی غَیْرِیْ | مرے حُضُور کے لَب پر اَنَا لَہَا ہو گا
میں اُن کے در کا بھکاری ہوں فضل مولیٰ سے | حسنؔ فقیر کا جنّت میں بسترا ہو گا(1)

اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم!

جَھنم چا آھي...؟ ڪيئن آھي؟

پيارا اسلامي پائرو! جھنم، جنھن کي دوزخ بہ چيو ويندو آھي، اُن جو تصور ئي تڙپائي ڇڏڻ وارو آھي ❖ ھي ھڪ باھ آھي، جنھن جا شعلا وڏن وڏن زرد رنگ جي اُنن وانگر تمام اونچا اڏامندا آھن ❖ ھِن جي باھ ايتري سخت آھي، جو پٿرن کي بہ پِگھاري ڇڏيندي آھي❖ ھن دنيا جي باھ جھنم جي باھ جو 70 ھون حصو آھي.[2] ❖ جھنم جي باھ ايترو سخت ترين آھي، جو جھنم کي جيڪڏھن سئيءَ جي سوراخ جيترو کوليو وجي تہ سمورا زمين وارا ان جي گرميءَ سبب موت جي وَر چڙھي وجن❖ جيڪڏھن جھنم جي زنجير جو ھڪ ڪڙو زمين جي جبلن تي رکيو وجي تہ اُھي پَگھرجي زمين جي اندر ھليا وجن[3]❖ جھنم ۾ مختلف واديون ۽ طبقا (يعني درجا) آھن ❖

---

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:51-54 ملتقطاً۔

[2]...بخاری، کتاب بدء الخلق، باب صفۃ النار و انھا مخلوقۃ، صفحہ:835، حدیث:3265۔

[3]...موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب صفۃ النار، جلد:6، صفحہ:433، حدیث:157ملتقطاً۔

اُتي لوهه جا اهڙا وزني هٿوڑا آهن جو انهن مان جيڪڏهن هڪ هٿوڑو زمين تي رکيو وڃي ته سمورا انسان ۽ جِنَ ملي ڪري به ان هڪ هٿوڑي کي کڻي نه سگهن. [1] اهڙن نهايت ڳرن هٿوڑن سان فرشتا جهنمين کي مارينداﷺ هتي خچرن جهڙا وڏا وڏا وِڇون آهن ❖ اهڙا ته زهريلا نانگ آهن، جو جيڪڏهن هڪ پيرو ڏنگين ته 40 سالن تائين تڪليف ختم نه ٿئي[2] ❖ جهنمين کي سخت ٿهڪندڙ پاڻي پيئڻ لاءِ ڏنو ويندو، جيئن ئي سندن وات جي ويجهو ڪندا ته ان جي گرميءَ سبب چهري جي کل سڙي ڪري ان ۾ ڪري پوندي. [3]

جَهنم ڪٽي آهي...؟

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَاللّٰہُعنہما فرمائن ٿا: جنت ستين آسمان تي آهي، جڏهن ته جهنم ستين زمين جي هيٺان آهي. [4]

ميدانِ محشر ۾ جهنم جي اڇٽ جو هولناڪ منظر

پيارا اسلامي پائرو! هي هولناڪ ترين مقام جنهن کي جهنم چيو وڃي ٿو، افسوس! جڏهن ان کي محشر جي ميدان ۾ آندو ويندو ته ان وقت اتي عجيب ڪهرام متل هوندو. هڪ ته محشر جو ميدان پاڻ ئي انتهائي گهبراهٽ سان پريور آهي، افسوس! اهو وقت جڏهن صُور (هڪ آواز ڪيڻ جو آلو آهي جنهن) ۾ ڦوڪيو ويندو ❖ سمورا ماڻهو جيڪي قبرن ۾ هوندا ❖ جن کي ساڙي سندن خاڪ هوا ۾ اڏائي وئي هوندي، يا ❖ پاڻيءَ ۾ لوڙهي وئي هوندي ❖ جن کي جانور کائي چڪا هوندا ❖ جيڪي سمنڊ ۾ ڪِري مري ويا

---

[1]...مسند امام احمد، مسند ابی سعید خدری، جلد:5، صفحہ:76، حدیث:11537۔

[2]...مسند امام احمد، مسند الشامیین، حدیث عبد اللہ بن الحارث...الخ، جلد:7، صفحہ:296، حدیث:18184ملتقطاً۔

[3]...ترمذی، کتاب صفۃ جہنم، باب ما جاء فی صفۃ شراب اہل النار، صفحہ:608، حدیث:2581۔

[4]...صفۃ الجنۃ لابی نعیم، ذکر مکان الجنۃ و قرارہ، جلد:1، صفحہ:153، رقم:132 ملتقطاً۔

هوندا ۽ مڃين جي خوراڪ بڻجي چڪا هوندا، مطلب ته جيڪو، جتي به هوندو، سيئي هڪ ئي سڏ تي ٻيهر جيئرا ٿي ويندا ❖ زمين ٽامي جي بڻائي ويندي ❖ آسمان ويڑهيو ويندو❖ سج هڪ ميل جي فاصلي تي آندو ويندو❖ باهه وَسِي رهي هوندي❖ ماڻهو پيرين اگهاڑين تَتل زمين تي بينا هوندا❖ قهر کي مُنهُن ڏيڻو پوندو ❖ حساب جو وقت هوندو، گهبراهٽون دل ڏڙڪائي رهيون هونديون❖ پريشانيءَ سبب دماغ بيحال ٿي چڪا هوندا❖ دليون تڙپي رهيون هونديون ته خبر ناهي هاڻي اسان جي باري ۾ ڪهڙو فيصلو ڪيو ويندو، ايتري ۾ جهنم کي آڻڻ جو حڪم ڏنو ويندو...!!

افسوس! مان صرف هڪ تَصَوُّر ڏيارڻ لاءِ عرض ڪري رهيو آهيان. ننڍپڻ ۾ ڪڏهن ائين ٿيو هوندو ته اسان کان ڪا وڏي غلطي ٿي وئي هجي ۽ والد صاحب اسان کي سڏي پڇي رهيو هجي ته تو ائين ڇو ڪيو؟ ان وقت دل بيقرار هوندي آهي ته هاڻي بابا سائين خبر ناهي ڪهڙي سزا ڏيندا. ايتري ۾ هڪ ٽلهو ڏنڊو آندو وجي، بابا سائين جي هٿ ۾ ڏنو وجي سوچيو ته ان وقت ٻار جي دل تي ڇا گذرندي؟ جيتوڻيڪ بابا سائين ان ڏنڊي سان نه به مارين، پر ٻار ڏوهاريءَ جي حيثيت سان بينو آهي، ان وقت رڳو ڏنڊي جي اچڻ جو وقت ئي ڪيترو تڪليف ڏيڻ وارو هوندو آهي.

ان مان ئي ٿورو تَصَوُّر ڪريو ته اسان محشر جي ميدان ۾ بينا آهيون ۽ اڃان اسان کان حساب ورتو ويندو. ايتري ۾ حڪم ٿيندو ته جهنم کي آندو وجي.

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَاللّٰہُعنہما فرمائن ٿا: مخلوق کان سي کان پهريون حساب ته هي ٿيندو جو محشر جي ميدان ۾ جهنم کي

آڻڻ جو حڪم جاري ڪيو ويندو. حضرت جبرائيل اَمين عليه‌السَّلام جهنم جي داروغي حضرت مالڪ عليه‌السَّلام کي فرمائيندا: اي مالڪ! الله پاڪ جو حڪم آهي، جهنم کي وٺي اچو!

هاڻي جهنم، جنهن ۾ وڏا وڏا جبل به آهن، وڏيون وڏيون واديون به آهن، اسان وٽ رودن تي بلڊوزر هلندا آهن، جڏهن بلڊوزر هلندو آهي ته زمين ڏڏندي آهي، ريل جڏهن تيزيءَ (*Speed*) سان گذرندي آهي ته ائين لڳندو آهي جڻ زلزلو اچي ويو آهي. هاڻي سوچيو ته جڏهن ايڏي وڏي جهنم کي محشر جي ميدان ۾ آندو ويندو ته زمين ڪيتري حد تائين ڏُڏي رهي هوندي. امام غزالي رحمةُاللهِعليه لکن ٿا ته ايڏو وڏو جهنم چئن پاوَن تي بيٺل هوندو (يعني جهڙي طرح اسان وٽ گاڏين وغيره کي هيٺان ٽائر (*Tyre*) هڻي ڇڪيو ويندو آهي، ايئن ئي جهنم کي ڇڪڻ لاءِ ان جي هيٺان چار وڏا وڏا پاوا لڳايا ويندا ❖ هر هڪ پائو ايترو ته وڏو هوندو، جو تيز رفتار گهوڙو **500 سالن** تائين دوڙندو رهي، تڏهن به ان جي پائي کي پار نه ڪري سگهندو ❖ هڪ پائي کان ٻئي پائي تائين **5 سؤسالن** جو رستو هوندو[1] ❖ حديث پاڪ ۾ آهي ته: جهنم جا **70 هزار** لغام هوندا ۽ هر لغام کي **70، 70 هزار** فرشتا ڇڪي رهيا هوندا.[2] يعني ڪُل ملائي **4 اَرب 90 ڪروڙ** فرشتا جهنم کي ڇڪيندا محشر جي ميدان ۾ آڻيندا.

---

[1]...سلوة العارفين، باب اتيان جهنم الى المحشر، جلد:2، صفحه:312 و313 ملتقطاً۔

[2]...مصنف ابن شيبه، كتاب ذكر النار، ما ذكر فيما اعد لاهل النار و شدته، جلد:8، صفحه:90، حديث:1۔

جهنم جو گجگوڙ

هاڻي جڏهن جهنم کي ڇڪي آندو پئي ويندو، اڃان اُهو محشر جي ميدان کان **100 سالن** جي مفاصلي تي هوندو تہ ايترو پري کان محشر وارا جهنم کي ڏسي وٺندا. [1] قرآن ڪريم ۾ آهي:

اِذَا رَاَتْهُمْ مِّنْ مَّكَانٍۭ بَعِيْدٍ سَمِعُوْا لَهَا تَغَيُّظًا وَّ زَفِيْرًا

(پارو: 18، سورة الفرقان: 12)

ترجموڪنزالعرفان: جڏهن اها باهه انهن کي پري جي جاءِ کان ڏسندي تہ ڪافر ان جو جوش هڻڻ ۽ گجگوڙ ٻڌندا.

روايت آهي: ❖ تہ جهنم اڃان مخلوق کان **100 سالن** جي فاصلي تي هوندو تہ ان ۾ ايتري شديد پڙڪ پيدا ٿيندي جنهن سان مخلوق دهشت ۾ اچي ويندي. پوءِ جڏهن ٻيهر پڙڪ پيدا ٿيندي تہ مقرب فرشتا ۽ نبي مرسل بہ عاجزي جو اظهار ڪري رهيا هوندا، پوءِ جڏهن ٽيون ڀيرو پڙڪ پيدا ٿيندي تہ ماڻهن جون دليون نڙيءَ تائين پهچي ويندیون ۽ عقل گهبرائجي ويندا. [2]

حضرت عَلّاف بن خالد رحمۃُاللہِعلیہ کان روايت آهي تہ جهنم جو هڪ حصو ٻئي حصي کي ڇڙڪائي رهيو هوندو. جهنم هڪ اهڙو گجگوڙ ڪندو، جنهن کي ٻڌي هر نبي ۽ هر صديق گوڏن ڀر زمين تي ڪِري پوندو، سيني جي زبان تي هڪ ئي لفظ هوندو: نَفْسِیْ نَفْسِیْ يعني مولا! مون کي بخشي ڇڏ، مولا! مون کي امان عطا فرماءِ. ڀر قربان وڃجي! اُمَّت تي مهربان آقا، محبوب مصطفيٰ

1...تفسير بغوی، پاره:18، سورۂ فُرْقان ، زير آيت:12، جلد:3، صفحه:324۔

2...حلية الاولياء، رقم:325، كعب الاحبار، جلد:5، صفحه:409، رقم:7546 بتغير قليل۔

صلَّى اللّٰهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم ان وقت به اُمتي اُمتي(منهنجي امت، منهنجي امت) پڪاري رهيا هوندا. (1)

وہ پاک دِل کہ نہیں جس کو اپنا اَندیشہ ہجومِ فکر و تَرَدُّد میں گھر گیا ہوگا
ہزار جان فدا نرم نرم پاؤں سے پُکار سُن کے اَسیروں کی دوڑتا ہوگا(2)

مون کي بخشي ڇڏ، ڪر ڪَرَم يا الاهي!

پيارا اسلامي پائرو! ڏسو، هي جهنم کي محشر جي ميدان ۾ آڻڻ جو منظر آهي. سوچيو ته سهي ان وقت محشر جي ميدان ۾ ڪيڏو ڪهرام متل هوندو. ماءُ، پيءُ، پيٽ، ياءُ، دوست ۽ يار، ڪو به ڪنهن ڏانهن ڏيان نه ڏيندو❖ اَڄ جڏهن اوچتو زلزلو اچي ويندو آهي ۽ پيتيون ڏُڏڻ لڳنديون آهن ته ماءُ کي پنهنجو فڪر گهٽ ۽ پنهنجي اولاد جو فڪر وڌيڪ هوندو آهي. ماءُ پنهنجو فڪر ڪَرڻ کان سواءِ ٻارن ڏانهن ڊوڙندي آهي ۽ انهن کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيندي آهي❖ تيز طوفان لڳي، ڪڪر گجگوڙ ڪن ۽ ڪِنوڻ ڪڙڪڻ لڳي ته مائرون پنهنجن ننڍڙن ٻارن کي سيني سان لڳائي، پيار سان پاڪر ۾ پري ڇڏيندیون آهن ته مَتان ٻار ڊڄي نه وڃن. افسوس! پر هي ته سيني زلزلن کان وڏو زلزلو آهي، سيني خوفن کان وڏو خوف آهي ۽ سيني گجگوڙن کان وڏي گجگوڙ آهي، پر افسوس! اڄ ماءُ به پنهنجي فڪر ۾ هوندي، ڪنهن کي به ڪنهن جو خيال نه ايندو، سيئي پنهنجي پنهنجي فڪر ۾ مبتلا هوندا. سوچيو ته! ان وقت اسان جي ڪهڙي حالت هوندي؟

1...التذكرة فى احوال الموتى والقبور، باب منه وما جاء فى شكوى...الخ، جز:2، صفحه:362 خلاصةً۔
2...ذوقِ نعت، صفحه:53۔

بروزِ قِیامت ہو ایسی عنایت | رہوں پُل پہ ثابت قدم یاالٰہی!
جَلادے نہ نارِ جہنّم کرم ہو | پئے بادشاہِ اُمم یاالٰہی!
مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے | ہو مجھ ناتواں پر کرم یاالٰہی!
جو ناراض تُو ہو گیا تو کہیں کا | رہوں گا نہ تیری قسم یاالٰہی!
سدا کے لیے ہو جا راضی خُدایا | ہمیشہ ہو لطف و کرم یاالٰہی!
گناہوں سے بھرپور نامہ ہے میرا | مجھے بخش دے کر کرم یاالٰہی! (1)

ڊِجو! ان باھِ کان...!!

پيارا اسلامي پائرو! هي جهنم آهي...!! هن کان ڊِجڻ گهرجي. قرآن ڪريم ۾ آهي:

فَاتَّقُوا النَّارَ الَّتِیْ وَقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ (پارو: 1، سورة بقرة: 24)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ ان باھ کان ڊِجو، جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن.

پيارا اسلامي پائرو! هن آيتِ ڪريم ۾ جهنم جي هولناڪي بيان ڪئي وئي آهي ته جهنم جي باھ ايتري خطرناڪ آهي، جو ان جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن. اسان جي هِن دنيا جي جيڪا باھ آهي اُها پٿر کي گرم ته ڪري ڇڏيندي آهي، پر ساڙيندي نه آهي، پر جهنم جي باھ ايتري خطرناڪ آهي، جو اُها پٿرن کي به ساڙي ڇڏيندي. (2) پوءِ ساڳئي وقت هن آيتِ ڪريم ۾ صاف صاف حڪم

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:110 و 111 بتقدم و تاخر۔
2...تفسیر نعیمی،پارہ:1، سورۂ بَقَرہ ،زیرِ آیت:24،جلد:1،صفحہ:225 ماخوذاً ۔

ڏنو ويو آهي ته اي انسانو! جهنم کان ڊجو ۽ جهنم ۾ وڃي وجڻ وارن عملن کان بچڻ جي پرپور کوشش کريو!

مَغْفِرت کا ہوں تجھ سے سُوالی
پھیر نا اپنے دَر سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی اِلتجا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
نارِ دوزخ سے مجھ کو اماں دے
مَغْفِرت کر کے باغِ جناں دے
کر دے رحمت مری اِلتجا ہے
یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے[1]

جهنم جو عذاب سخت آهي

بيشڪ جهنم کا اهڙي شيءِ ناهي، جنهن کان غفلت ڪئي وڃي. جهنم جو عذاب انتهائي هولناڪ آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَ اَنَّ عَذَابِیْ هُوَ الْعَذَابُ الْاَلِیْمُ

(پارو: 14، سورة حجر: 50)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ منهنجو ئي عذاب دردناڪ عذاب آهي.

هڪ ٻئي جاءِ تي ارشاد فرمايو ويو:

وَ لَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَدُّ وَ اَبْقٰى

(پارو: 16، سورة طٰهٰ: 127)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ آخرت جو عذاب سڀ کان سخت ۽ سڀ کان گهڻو باقي رهڻ وارو آهي.

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنَّم ہوں
کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ!
بُرائیوں پہ پَشیماں ہوں رَحم فرمادے
ہے تیرے قَہر پہ حاوی تِری عطا یاربّ! (2)

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:136 ملتقطاً۔
[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:78۔

جبل زمين جي اندر هليا وجن

هڪ پيري حضرت جبرائيل اَمين عليه‌السَّلام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ سندن رنگ بدليل هو. رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صلَّى‌اللّٰهُ‌عليهِ‌وَآلِهٖ‌وَسلَّم پڇيو: اي جبرائيل! ڇا ڳالهہ آهي؟ مان اوهان جو رنگ بدليل ڏسي رهيو آهيان. حضرت جبرائيل اَمين عليه‌السَّلام عرض ڪيو: يا رسولَ الله صلَّى‌اللّٰهُ‌عليهِ‌وَآلِهٖ‌وَسلَّم! هن وقت الله پاڪ جهنم کي پڙڪائڻ جو حڪم ڏنو آهي. رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صلَّى‌اللّٰهُ‌عليه وَآلِهٖ‌وَسلَّم فرمايو: اي جبرائيل! مون کي جهنم جي باري ۾ ٻڌايو! حضرت جبرائيل امين عليه‌السَّلام عرض ڪيو: يارسولَ الله صلَّى‌اللّٰهُ‌عليهِ‌وَآلِهٖ‌وَسلَّم! ❖ الله پاڪ جهنم کي حڪم ڏنو تہ ان جي باهہ کي هڪ هزار سالن تائين پڙڪايو ويو، ايتري تائين جو اها اَڇي ٿي وئي ❖ پوءِ ان کي وڌيڪ هڪ هزار سالن تائين پڙڪايو ويو، ايسيتائين جو اها ڳاڙهي ٿي وئي ❖ پوءِ ان کي اجان وڌيڪ هڪ هزار سالن تائين پڙڪايو ويو، ايسيتائين جو اُها بلڪل ڪاري ٿي وئي. هاڻي جهنم جي باهہ بلڪل ڪاري آهي نہ ان ۾ ڪا چٽنگ روشن ٿي رهي آهي، نہ ان جو پڙڪڻ ختم ٿي رهيو آهي ۽ نہ ئي ان جا شعلا وِسامي رهيا آهن. قسم آهي ان ذات جو، جنهن اوهان کي سچو نبي ٻڌائي موڪليو آهي، جيڪڏهن جهنم کي سُئيءَ جي سوراخ جيترو بہ کوليو وجي تہ زمين تي رهندڙ سمورا جاندار فنا ٿي وجن. ان ذات جو قسم، جنهن اوهان کي حق سان گڏ موڪليو آهي، جيڪڏهن جهنم جي زنجيرن جو هڪ ڪَڙو دنيا جي جبلن تي رکيو وجي تہ اهي پورا پورا ٿي زمين جي اندر هليا وجن.[1]

خوفِ دوزخ کا آہ! رحمت ہو
میرا نازُک بَدن جہنَّم سے

خاکِ طیبہ کا واسطہ یاربّ!
از طفیلِ رضا بچا یاربّ!

[1] ...معجم الاوسط، جلد:2، صفحہ:78، حدیث:2583 ملتقطاً۔

هاءِ! اسان جو ڇا ٿيندو...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت مان اندازو لڳايو ته جهنم کيتري قدر هولناڪ آهي، جيڪڏهن جهنم کي سُئيءَ جي سوراخ جيترو به کوليو وجي ته زمين جا سمورا جاندار ان جي تپش ۽ گرميءَ سبب فنا ٿي وڃن.

الله! الله! سُئيءَ جو سوراخ هوندو کيترو آهي؟ ان ۾ جيڪڏهن ڏاڪو وجهڻو هجي تڏهن به ڏکيائي ٿيندي آهي، ايترو ته ننڍڙو سوراخ هوندو آهي. جڏهن ايتري ننڍڙي سوراخ جيترو جهنم کي کولڻ سان اهڙي تباهي مچي سگهي ٿي ته پوءِ سوچيو! انهن بدنصيبن جو کهڙو حال ٿيندو، جن کي اُن جهنم ۾ وڌو ويندو. افسوس! جهنم جي ڇِبيون هڏندڙ ۽ پڙڪندڙ باهه سندن جسمن سان چنبڙي ويندي، انهن جي جسم کي اندر تائين ساڙي ڇڏيندي، افسوس! جن جي مٿي کان وٺي پيرن تائين جهنم جي باهه ئي باهه هوندي. غور ته ڪريو! اها هولناڪ باهه انهن جي کهڙي حالت ڪري ڇڏيندي.

اچو ته گڏجي گنهگارن جي بخشش ڪرائڻ واري آقا، جنت ڏيارڻ واري آقا صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم جي بارگاهه ۾ فرياد ڪريون:

میں مُجرِم ہوں جہنّم میں اگر پھینکا گیا مجھ کو
ہلاکت ہو گی ہائے! کیا کروں گا یارسولَ اللہ!

لپک کر آگ کے شعلے لپٹتے ہوں گے، بربادی
کرم کر دو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ!

اندھیری آگ ہوگی، روشنی بالکل نہیں ہوگی

کرم کردو یہ سب کیسے سہوں گا یارسولَ اللہ! (1)

جهنم کان بچڻ جي پرپور کوشش کريو!

الله پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي انسانو! جنت کي حاصل ڪرڻ لاءِ پرپور کوشش ڪريو ۽ پوري کوشش سان جهنم کان پري پجو....! بيشڪ جنت جو طلبگار ڪڏهن به غافل نه ٿيندو آهي، بيشڪ جهنم کان بچڻ وارو ڪڏهن به غفلت جي ننڊ نه سمهندو آهي، بيشڪ آخرت ناپسنديده ڪمن سان پريل آهي، يعني آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ نفساني خواهشن کي ڇڏڻو پوندو آهي، جڏهن ته دنيا لذتن ۽ خواهشن سان پريل آهي. تنهنڪري دنيا جون اِهي لذتون ۽ خواهشون توهان کي هرگز آخرت کان غافل نه ڪن. (2)

جهنم کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ وارا اعمال

اي عاشقانِ رسول! يقيناً جهنم جا عذاب برداشت ڪرڻ اسان مان ڪنهن جي به وَسَ جي ڳالهه نه آهي. اڄان اسان جيئرا آهيون، اسان جا ساهَ هلي رهيا آهن ۽ اڄان اسان کي موقعو آهي. اچو ته نيڪ عمل ڪريون، الله ۽ رسول جي رضا ڏيارڻ وارا، جنت ۾ ونڊي وڃڻ وارا عمل ڪريون.

اچو ته جهنم کان نجات ڏيارڻ وارا ڪجهه عمل هن نيت سان ٻڌون ته انهن کي باقاعدگيءَ سان پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻائيندا سين .اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم!

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:324۔

2...صفة الجنة لمقدسی، ذکر الامر بطلب الجنة، جز:3، صفحہ:74، حدیث:43۔

(1) جهنم کان چوٽڪاري جي دعا گهُرو!

جهنم کان بچڻ ۽ چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ پهريون عمل ته اهو آهي ته جهنم کان بچڻ جي لاءِ الله پاڪ کان دعا گهري وجي. حديث پاڪ ۾ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو :جيڪو شخص الله پاڪ کان ٽي ڀيرا جنت گهرندو آهي ته جنت چوندي آهي: اِلٰهي! هن کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏ ۽ جيڪو ٽي ڀيرا جهنم کان پناهه گهرندو آهي ته جهنم چوندو آهي: اِلٰهي! هن کي باهه کان امان ڏئِي ڇڏ. [1]

جهنم کان پناهه هنن لفظن ۾ به گهري سگهجي ٿي: يااللّٰهُ! مون کي جهنم کان بچاءِ!

گناہ گار ہوں میں لائقِ جہنّم ہوں | کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یارب ّ!
بُرائیوں پہ پشیماں ہوں رَحم فرمادے | ہے تیرے قہر پہ حاوی تِری عطا یارب ّ![2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

صبح ۽ شام جهنم کان پناهه گهرڻ جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت مسلم بن حارث رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون کي فرمايو: نمازِ فجر کان پوءِ ڳالهه بولهه ڪرڻ کان اڳ هي ڪلما: اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِيْ مِنَ النَّار (اي الله! مون کي جهنم کان بچاءِ). ست ڀيرا پڙهندو ڪر. جيڪڏهن تون ان ڏينهن وفات ڪري وئين

---

[1]...ترمذی، کتاب صفة الجنة، باب ما جاء فی صفة انهار الجنة، صفحه:605، حديث:2572۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحه:78۔

تہ الله پاڪ تنهنجي لاءِ جهنم کان امان لکي چڏيندو. اهڙي طرح مغرب جي نماز کان پوءِ بہ ڳالهہ بولهہ ڪرڻ کان اڳ اِهي ئي ڪلما: اَللّٰهُمَّ اَجِرْنِیْ مِنَ النَّار (اي الله! مون کي جهنم کان بچاءِ). ست پيرا پڙهندو ڪر. پوءِ جيڪڏهن تون ان ئي رات وفات ڪري وئين تہ الله پاڪ تنهنجي لاءِ جهنم کان امان لکي چڏيندو. (1)

(2) تقويٰ اختيار ڪريو!

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

ثُمَّ نُنَجِّی الَّذِیْنَ اتَّقَوْا

(پارو: 16، سورة مريم: 72)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ اسان پرهيزگارن کي بچائي ونڊاسين.

اي عاشقانِ رسول! هن آيتِ ڪريمہ ۾ بڌايو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن سيني کي جهنم جي مٿان (يعني پل صراط) تان گذرڻو آهي، ان وقت نجات اُهي ماڻيندا، جيڪي تقويٰ وارا، پرهيزگار آهن.

تقويٰ ڇا کي چئبو آهي؟

تقويٰ گناهن کان بچڻ جو نالو آهي. حضرت سَهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص چاهي ٿو تہ سندس تقويٰ درست ٿي وجي تہ اهو سمورن گناهن کي چڏي ڏئي. (2)

1...ابو داؤد، کتاب الادب ، باب ما یقول اذا اَصبح، صفحہ:793، حدیث:5079بتقدم وتآخر۔

2...رسالہ قشیریہ، باب التقوی، صفحہ:142۔

اي عاشقانِ رسول! تقويٰ وارا يعني گناهن کان بچڻ وارا، قيامت جي ڏينهن نجات حاصل ڪرڻ وارا هوندا. اسان کي به گهرجي ته اسان تقويٰ اختيار ڪريون، گناهن کان بچون، هرگز نماز قضا ٿيڻ نه ڏيون، روزا به پورا رکون ۽ زڪوات به پوري ادا ڪريون، فلمون، ڊراما، بي پردگي ۽ بين گناهن کان بچندا رهنداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا جي زندگي به سني گذرندي ۽ آخرت ۾ به نجات جي نعمت نصيب ٿي ويندي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

گناہوں سے مجھ کو بچایا الٰہی!
خطاؤں کو میری مِٹایا الٰہی!
بُری عادتیں بھی چُھڑایا الٰہی!
مجھے نیک خصلت بنایا الٰہی! (1)

(3) خوفِ خدا سبب ڪوڙها ڳاڙيو!

هڪ پيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! مان ڪهڙي شيءِ جي ذريعي جهنم کان نجات حاصل ڪري سگهان ٿو؟ رسولِ رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: پنهنجين اکين جي ڳوڙهن جي ذريعي. عرض ڪيو ويو: اُهو ڪيئن؟ فرمايائون: الله جي خوف وِچان روئندو ڪر، جو ته جيڪا اک الله پاڪ جي خوف کان روئندي آهي، ان کي جهنم جو عذاب نه ٿيندو. (2)

یارب! میں ترے خوف سے روتا رہوں ہر دم
دیوانہ شہنشاہِ مدینہ کا بنادے (3)

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:100۔
2...موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب الرقہ والبکاء، جلد:3، صفحہ:170، حدیث:4۔
3...وسائلِ بخشش، صفحہ:119۔

جهنم کان محفوظ اَکِ

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عنہما کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينہ قرارِ قلب و سينہ، صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: 2 قِسم جي اکين کي جهنّم جي باهه نہ ڇُهندي (1): اُها اکِ جيڪا رات جي ڪنهن حصي ۾ الله پاڪ جي خوف سبب روئي (2): ۽ بي اها اکِ جيڪا الله پاڪ جي راهه ۾ پهرو ڏيندي رات گذاري. (1)

خوفِ خدا سبب روئڻ جي عادت ڪيئن بڻائجي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي خوف سبب روئڻ جهنم کان بچائڻ وارو عمل آهي. ڪاش! اسان کي خالص الله پاڪ جي رضا خاطر سندس خوف وِچان روئڻ نصيب ٿي وڃي.

روزانو اڪيلائيءَ ۾، جيڪڏهن ٿي سگهي ته قبرستان وڃي، اکيون بند ڪري ويهي رهو، پنهنجي ڪمزوريءَ ۽ بيوسيءَ جو تصور ڪريو، پنهنجن گناهن کي ياد ڪريو ۽ سوچيو ته ❖ افسوس! جيڪڏهن گناهن جي ڪري منهنجي پڪڙ ٿي وئي ۽ الله پاڪ مون کان ناراض ٿي ويو ته مان ڇا ڪندس؟ ❖ افسوس! جلد ئي حضرت مَلَکُ الموت علیہ السَّلام تشريف کڻي ايندا ۽ منهنجو روح قبض ڪيو ويندو، پوءِ ٿوري ئي دير ۾ منهنجا پيارا عزيز ۽ مائٽ مون کي غسل ڏئي، ڪفن پارائي، نمازِ جنازه ادا ڪرڻ کان پوءِ هڪ انتهائي اونداهي قبر ۾ دفن ڪري ڇڏيندا، اهڙي سوڙهي جاءِ، اهڙي اڪيلائي، وحشت ۽ سخت اونداهي جنهن جو اڳ ڪڏهن تجربو نہ ڪيو هوندو، اجان موت جون تڪليفون ئي گهٽ نہ ٿيون هونديون ته قبر جي وحشت...! ۽ اجان اِها وحشت

---

[1]...ترمذی ، کتاب الجهاد، باب ما جاء فی فضل الحرس فی سبیل الله، صفحه:416، حدیث:1639۔

ختم ٻه نه ٿي هوندي ته مُنڪر نڪير تشريف کڻي ايندا، ها! ها! قبر ۾ امتحان ٿيندو. افسوس! صد افسوس! جيڪڏهن منهنجا گناهه منهنجي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي ويا ۽ مان قبر جي امتحان ۾ ناڪام ٿي ويس ته منهنجو ڇا ٿيندو؟ ❖ افسوس! قيامت جي ڏينهن گناهن جي ڪري منهنجي پڪڙ ٿي وئي ۽ خدا نه ڪري، مون کي جهنم ۾ اڇلايو ويو ته منهنجو ڇا ٿيندو؟ ❖ هاءِ! هاءِ! جهنم جون اُهي هولناڪ سزائون، اُتان جا وڏا وڏا نانگ، بُختي (تيز رفتار ۽ طاقتور)اُنن جيڏا وِڇُون ۽ انتهائي تيز باهه، جيڪا اندر تائين ساڙي ڇڏيندي، هاءِ! جيڪڏهن مون کي معافي نه ملي، شفاعتِ مصطفيٰ کان ٻه محروم رهجي ويس ۽ مون کي جهنم ۾ وِڌو ويو ته منهنجو ڇا ٿيندو...؟؟

دِل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا
مغْلوب شَہا! نفسِ بدْکار نہیں ہوتا
اے ربّ کے حبیب آؤ! اے میرے طبیب آؤ
اچھا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا
گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی
پاکیزہ گناہوں سے کِردار نہیں ہوتا
یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے
دل آہ! مگر اب بھی بیدار نہیں ہوتا[1]

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اهڙي طرح پنهنجن گناهن ۽ قبر توڙي آخرت جي عذابن جو تصور ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ جي خوف سبب دل ڏڪي ويندي ۽ اکين ۾ ڳوڙها ٻه اچي ئي ويندا. الله پاڪ اسان کي پنهنجي خوف سبب روئڻ نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

[1]... وسائل بخشش، صفحہ:163 ملتقطاً۔

(4): ثواب جي نيت سان آذان ڏيو

صحابيءِ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما کان روايت آهي ته شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه، صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن شخص ثواب جي نيت سان **7 سالن** تائين آذان ڏني، ان جي لاءِ جهنم کان نجات لکي ويندي آهي. [1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي رضا خاطر آذان ڏيڻ به جهنّم کان بچائڻ وارو عمل آهي. ڪاش! اسان آذان ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، آذان ڏيڻ کو مشڪل ڪم نه آهي اَلْحَمْدُ لله! اسان مسلمان آهيون ۽ نندپڻ کان ئي آذان ٻڌندا پيا اچون. پوري آذان ۾ صرف **15** ڪلما آهن. اِهي ڪلما چڱيءَ طرح ياد ڪري ڪنهن عاشقِ رسول قاري صاحب کي ٻڌائي ڇڏيو! پوءِ وقت بوقت صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا خاطر مسجد ۾ آذان ڏيندا رهو. الله پاڪ چاهيو ته اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بيشمار ثواب به حاصل ٿيندو ۽ جهنم کان نجات به نصيب ٿي ويندي.

(5) باجماعت نماز جو اهتمام ڪريو

صحابيءِ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه، صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص الله پاڪ جي رضا خاطر **40 ڏينهن** تائين تڪبيرِ اُولىٰ سان باجماعت

---

[1] ابن ماجه، كتاب الاذان والسنة فيها، باب فضل الاذان وثواب والمؤذنين، صفحه:125، حديث:727۔

نماز پڑهندو، ان جي لاءِ ٻه آزاديون لکيون ويندیون (1): آزاديءِ نار يعني جهنم جي باهه کان آزادي (2): ٻيو نفاق کان آزادي.[1]

میں پانچوں نَمازیں پڑھوں باجماعت ہو توفیق ایسی عطایاالٰہی!
میں پڑھتا رہوں سنّتیں وقت ہی پر ہوں سارے نوافل اِدایاالٰہی!

(6): اربع ۽ خميس جو روزو رکو

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم: جيڪو اربع ۽ خميس جي ڏينهن روزو رکندو، ان جي لاءِ جهنم کان آزادي لکي ويندي آهي.[2]

(7): مسلمان ڀاءُ جي حاجت پوري ڪرڻ

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللهُ عنهما کان روايت آهي ته حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صلَّى اللهُ عليهِ وَآلِهٖ وَسلَّم فرمايو: جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ هلي ۽ ان سان همدردي ڪري ته الله پاڪ ان جي ۽ جهنم جي وچ ۾ ست خندقون ٻٽائي ڇڏيندو، انهن مان هڪ خندق جو ٻِي خندق تائين مفاصلو ايترو هوندو، جيترو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻه گهرجي ته : ❖ اسان جهنم کان بچڻ ۽ جنت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنهنجن مسلمان ڀائرن سان همدردي ڪريون❖ انهن جي ڪم اچون❖ جيڪڏهن کنهن کي قرض جي ضرورت هجي ته پنهنجي وَسَ آهر کيس قرض ڏيون❖ غريبن تي خرچ ڪريون❖ بکايلن کي کاڏو کارايون ❖ اهڙي طرح پنهنجن عزيزن ۽ رشتيدارن جي ٻه ڪم اچون❖ پاڙيسرين

---

[1]...ترمذی، کتاب الصلاۃ، باب ما جاء فی فضل التکبیرۃ الاولی، صفحہ:78، حدیث:241۔
[2]... مسند ابی یعلی، مسند عبد اللہ بن عمر، جلد:4، صفحہ:329، حدیث:5629۔
[3]...موسوعۃ امام ابن ابی الدنیا، کتاب قضاء الحوائج، جلد:4، صفحہ: 167، حدیث:35۔

جي به مدد ڪريون❖ دوستن جي به ڪم اچون❖ مطلب ته جنهن به مسلمان جي جيڪا به جائز ضرورت هجي، اسان پنهنجي وَسَ آهر صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا خاطر ان جي مدد ڪريون، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! الله پاڪ اسان کي جهنم کان بچائي جنت ۾ داخلا نصيب فرمائيندو.

شفاعت نصيب ٿيندي

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عنہما کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪندو، قيامت جي ڏينهن مان ان جي ميزان وٺ ٻينو هوندس. جيڪڏهن ان جي نيڪين وارو پُڙُ ڳورو ٿيو ته نيڪ، نه ته مان ان جي شفاعت ڪندس. [1]

شَفاعت حشر میں فرماؤ گے جب خوش نصیبوں کی

مجھے کر لینا آقا اُن میں شامل یارسولَ اللہ!

الله پاڪ اُن دل کي عذاب نه ڏيندو آهي

حضرت ابو اُمامہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ علیہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: قرآن پڙهندا ڪريو! بيشڪ جنهن دل ۾ قرآن ڪريم هوندو آهي، الله پاڪ ان دل کي عذاب نه ڏيندو آهي. [2]

فلموں سے ڈراموں سے دے نفرت تُو الٰہی!

بس شوق مجھے نعت و تلاوت کا خُدا دے(3)

---

[1]...حلیۃ الاولیاء، مالک بن انس، جلد:6، صفحہ:389، رقم:9038۔

[2]...مصنف ابن شیبۃ، کتاب الزہد، کلام ابی امامۃ، جلد:8، صفحہ:191، رقم:3۔

[3]...وسائل بخشش، صفحہ:114۔

سورت اَلسَّجْدَة جي برَڪت

حضرت حسن بن دينار رحمةُاللهِعليه فرمائن ٿا: حضرت ثابت بُناني رحمةُاللهِعليه هڪ ڀيري حضرت مُطَرِّف بن عبدالله رحمةُاللهِعليه وٽ عيادت جي لاءِ ويا، ان وقت حضرت مُطَرِّف تي بيهوشي طاري هئي، حضرت ثابت بناني رحمةُاللهِعليه ڏٺو تہ بيهوشيءَ جي حالت ۾ حضرت مُطَرِّف رحمةُاللهِعليه جي جسم مان نور جا 3 شعاع بلند ٿي رهيا آهن، هڪ سندن مٿي جي طرف کان، ٻيو پيٺ جي طرف کان ۽ ٽيون پيرن جي طرف کان. حضرت ثابت بناني رحمةُاللهِعليه فرمائن ٿا تہ اِهو ڏسي اسان گهبرائجي وياسين، جڏهن حضرت مُطَرِّف رحمةُاللهِعليه کي ڪجهہ هوش آيو تہ اسان عرض ڪيو: اسان توهان جي مٿي، پيٺ ۽ پيرن جي طرف کان نور جا ڪرٽا بلند ٿيندي ڏٺا آهن. حضرت مُطَرِّف رحمةُاللهِعليه فرمايو: ڇا واقعي توهان ائين ڏٺو آهي؟ اسان عرض ڪيو: جي ها! ان تي حضرت مُطَرِّف رحمةُاللهِعليه فرمايو: اِها سورت السَّجْدَة جي تلاوت جي برڪت آهي. هن مبارڪ سورت جون 30 **آيتون** آهن، شروع واريون **10 آيتون** مٿي جي پاسي کان، وچيون **10 آيتون** جسم جي وچ واري حصي کان ۽ آخري **10 آيتون** پيرن جي پاسي کان بلند ٿيندڙيون آهن ۽ مون کي يقين آهي تہ هيءَ سورت منهنجي شفاعت ٻہ ڪندي. (1)

الله پاڪ اسان کي ٻہ قرآن پاڪ جي گهٽي کان گهٽي تلاوت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ڪاش! شفاعتِ مصطفيٰ صلَّىاللهُعليهِوَآلِهٖوَسلَّم جي صدقي اسان کي جهنم کان بچڻ ۽ جنتُ الفردوس ۾ محبوب صلَّىاللهُعليهِوَآلِهٖوَسلَّم جي پاڙي ۾ پهچڻ نصيب ٿي وجي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّىاللهُعَلَيْهِوَاٰلِهٖوَسلَّم

1... موسوعہ ابن ابی الدنیا،کتاب من عاش بعد الموت، جلد:6، صفحہ:295 و296، رقم:46۔

دارالمدينہ انٽرنيشنل اسلامک اسکول سسٽم جو تعارف

پيارا اسلامي پائرو! دعوتِ اسلامي ديني علوم سان گڏوگڏ دنياوي علم جي ذريعي بہ معاشري جي فلاح ۽ بهبود لاءِ کم کري رهي آهي. عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي انتظام هيٺ هک اهم تعليمي شعبو، **دارُالمدينہ انٽرنيشنل اسلامک اسکول سسٽم** قائم کيو ويو آهي، جنهن جو مقصد ديني قدرن سان گڏوگڏ جديد تقاضائن سان هم آهنگ معياري تعليم فراهم کرڻ آهي.

الله پاک جي فضل ۽ کرم سان دارُالمدينہ اسلامک اسکول سسٽم ٿوري ئي عرصي ۾ نمايان ترقي کئي آهي. هن وقت تائين ملک جي اندر ۽ ملک کان ٻاهر **175** کان وڌيک کيمپس کاميابيءَ سان قائم ٿي چکا آهن، جتي **41هزار** کان وڌيک شاگرد ۽ شاگرديانٽيون تعليم حاصل کري رهيا آهن ۽ هک منظم، باوقار ۽ هر لحاظ کان جامع تعليمي ماحول مان فائدو حاصل کري رهيا آهن. تعليمي ترقيءَ جي هن سفر کي اڳتي وڌائيندي سال 2024ع ۾ اسلام آباد ۾ **دارُالمدينہ انٽرنيشنل يونيورسٽي** جو باقاعده قيام عمل ۾ آندو ويو، جيکو اعليٰ تعليم جي ميدان ۾ هک اهم سنگِ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

الله پاک دعوتِ اسلامي جي هن تعليمي شعبي کي وڌيک ترقي عطا فرمائي ۽ اسان کي ان مان پرپور فائدو حاصل کرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

قافلي وارو مهينو

پيارا اسلامي پائرو! 15 نومبر تائين "ماهِ قافلو" جاري آهي ۽ قافلن جون ڏُومون مچيل آهن .اَلْحَمْدُلِلّٰه !کافي اسلامي پائر قافلن جا مسافر بڻجي چڪا آهن، کي سفر کري رهيا آهن ۽ کن وري نِيّت کئي هوندي. اوهان بہ همت فرمايو! جيڪي اجا تائين قافلي ۾ سفر ناهن کري سگهيا، اهي جلد کان جلد دارالسُنّہ تي رابطو کن، پنهنجي علائقي جي ذميوار کي پنهنجو نالو پيش کن ۽ 15 نومبر تائين قافلي ۾ لازمي سفر اختيار فرمائن اِنْ شَآءَ اللّٰه الْکَرِيْم! وڌيون برکتون نصيب ٿيندیون: ❖ قافلي ۾ فرض عِلمِ دين سيکاريو وجي ثو ❖ سُنّتون سيکاريون وجن ٿيون ❖ تهجد پڙهڻ جي سعادت حاصل ٿئي ٿي ❖ نيڪيءَ جي دعوت عام کرڻ جو موقعو ملي ٿو.

قافلن جي باري ۾ اميرِ اهلِسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا 5 فرمانَ :

1. مان قافلي وارو آهيان مون کي قافلن سان پيار آهي.
2. قافلن ۾ دين جو درد ۽ تڙپ نصيب ٿئي ٿي.
3. قافلو سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام کرڻ جو ذريعو آهي.
4. هر مهيني 3 ڏينهن جي قافلي ۾ ضرور سفر کرڻ گهرجي، چو تہ ان سان بيتري چارج رهي ٿي.
5. اسين گناهن جا مريض آهيون ۽ دوا ڪوڙي هوندي آهي، تنهنکري قافلو نَفَس تي ڪِرو (ڏکيو) لڳندو آهي؛ ان کري قافلي ۾ سفر کرڻ

پنهنجو معمول بڻائي وٺو.[1]

الله پاڪ اسان سڀني کي نيڪ ڪم ڪرڻ، ٻين کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، پاڻ گناهن کان بچڻ ۽ ٻين کي گناهن کان بچائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اسلامڪ اسپيچز (Islamic Speeches) موبائل ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ جي طرفان **اسلامڪ اسپيچز** (*Islamic Speeches*) جي نالي هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جي ذريعي اوهان دعوتِ اسلامي جا ❖ هفتيوار ❖ جمعي ❖ ۽ مختلف موقعن جا نوان توڙي پراڻا بيان آسانيءَ سان حاصل ڪري سگهو ٿا ❖ هي بيان نه صرف اردو ٻوليءَ ۾، پر انگريزي، سنڌي، پشتو ۽ بنگالي ٻولين ۾ به موجود آهن ❖ توهان هنن بيانن کي نه رڳو پڙهي سگهو ٿا، پر هن ايپليڪيشن ۾ ڪجهه مخصوص بيانن کي آڊيو ۾ ٻڌي به سگهو ٿا ❖ هن ايپليڪيشن ۾ بيانن کي تلاش ڪرڻ جي سهولت به موجود آهي، جنهن جي مدد سان توهان آسانيءَ سان پنهنجو گهربل بيان ڳولي سگهو ٿا ❖ توهان پنهنجن پسنديده بيانن کي (*Favourite*) ڪري محفوظ به ڪري سگهو ٿا. اڄ ئي هن ايپليڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ ڊائون لوڊ (*Download*) ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ...12 دينى كام (مجلد)، صفحه:539-541 ملتقطاً.

ڪجهه ضروري اعلانات

❖ هر ڇنڇر تي اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني ڇينل تي لائِيوِ هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. ايندڙ ڇنڇر تي به عشاء جي نماز کان پوءِ مدني ڇينل تي تقريباً رات جو 8 وڳي اِنْ شَآءَاللّٰه الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سڀئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت ڪن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين ❖ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهِ امير اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **پهريان توريو پوءِ ڳالهايو (گفتگو جا آداب قسط:9)** رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا، مثال طور واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان به شيئر (*Share*) ڪريو!

❖ مڪتبةُ المدينه، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ، تفسيرِ قرآن جو پيغام عام ڪرڻ ۽ عاشقانِ رسول جي دلين ۾ عشقِ رسول جي شمع وڌيڪ روشن ڪرڻ جي نيت سان مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مڪمل تفسير نورُالعرفان مان لڳ ڀڳ 786 اهم ڳالهين (*POINTS*) تي مشتمل ڪتاب **فيضانِ نورُالعرفان** جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينه جي ڪنهن به شاخ تان **200روپين** ۾ خريد فرمايو.

نوٽ : پنهنجن مرحومين جي ايصالِ ثواب ۽ خوشيءَ جي موقعن تي مڪتبة

المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو اسٽال (Stall) لڳرائڻ لاءِ هن نمبر تي رابطو فرمايو.

0313-1139278

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي پائرو! بيان کي اختتام ڈانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

نالو رکڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن توهان کي، توهان جي ۽ توهان جي والد جي نالي سان سڏيو ويندو، تنهنڪري پنهنجا سٺا نالا رکو. [2]

اي عاشقانِ رسول! علماءِ ڪرام لکن ٿا: ٻار جو سٺو نالو رکيو وڃي، ڪيترن ئي ماڻهن جا اهڙا نالا آهن، جن جي ڪا معنيٰ ئي نہ آهي يا انهن جون

[1]...تاريخ مدينہ دمشق،رقم:829، انس بن مالك ...الخ، جلد:9 صفحہ:343۔

[2]...ابو داؤد، كتاب الادب، باب:فی تغيير الاسما، صفحہ:775، حديث:4948۔

معنائون خراب آهن، اهڙا نالا رکڻ کان پاسو ڪيو وڃي ❖ انبياءِ ڪرام عليهمُ السَّلام، صحابہ ڪرام ۽ تابعين رَضِیَاللّٰہُعنہم جي نالن تي نالا رکڻ بهتر آهي، اميد آهي تہ انهن جي برڪت ۾ جي نصيب ۾ به شامل ٿي ويندي❖ ۾ زنده پيدا ٿيو هجي يا مئل، ان جو جسم مڪمل ٿيو هجي يا مڪمل نہ ٿيو هجي، هر حال ۾ ان جو نالو رکيو وڃي❖ حديث پاڪ ۾ آهي: ڪڇي ۾ (يعني اهو ۾، جنهن جو ڪو عضوو نٰهي ويو هجي يا جيڪو 4 مهينن جو ٿي ويو هجي ان) جو به نالو رکو، چاکاڻ تہ الله پاڪ ان جي ذريعي توهان جي عملن جي تارازيءَ کي ڳورو ڪندو ❖ جبرائيل يا ميڪائيل وغيره نالا نہ رکو❖ يٰسِين يا طٰهٰ نالو رکڻ منع آهي❖ محمد يٰسِين نالو به نہ رکو، جيڪڏهن چاهيو تہ غلام يٰسِين ۽ غلام طٰهٰ رکي ڇڏيو❖ جيڪي نالا خراب هجن، انهن کي بدلائي سنو نالو رکڻ گهرجي، ڇو جو پنهنجي امت سان محبت ڪرڻ وارا پيارا آقا صَلَّی اللّٰہُعَلَیْہِوَآلِہٖوَسَلَّم خراب نالي کي سني نالي سان تبديل فرمائي ڇڏيندا هئا❖ غلام رسول، غلام صديق، غلام حسين، غلام غوث ۽ غلام رضا نالا رکڻ جائز آهي❖ اهڙا نالا رکڻ جائز نہ آهن، جيڪي غير مسلمن لاءِ مخصوص هجن.[1]

نالو رکڻ جا ❖ مختلف قسم جا احڪام ❖ احتياطون ❖ مسئلا ❖ ۽ ڪيترن ئي قسمن جا نوان نوان نالا ۽ انهن جون معنائون ڇاڻڻ لاءِ، مڪتبة المدينہ جو ڪتاب "نام رکھنے کے احکام" مڪتبة المدينہ تان حاصل فرمايو، يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.Dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪريو. پاڻ به مطالعو فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار**

[1] ...550سنتیں اور آداب، صفحہ:63-68ملتقطاً۔

شريعت جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن پريو سفر ڪرڻ به آهي.

رَبّ کے در پر جھکیں التجائیں کریں
عاشقانِ رسول ان سے رحمت کے پھول

بابِ رحمت کھلیں قافلے میں چلو
آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعي جي رات جو دُرود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بينل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

(3) رَحمت جا ستر دروازا

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

(4) چهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ پيرو پڙهڻ سان چهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

(5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ءِ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [3]

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص125 3

(6) دُرود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

(7) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

(8) جڏ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفٰے صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڏ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3... ابن عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455